SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2010

# SINDH ACT NO.XIII OF 2010

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2010

# THE SINDH FINANCE ACT, 2010

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule to Act II of 1899

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

4. غير متحرڪ ملڪيت جي ڪئپيٽل ويليو تي ٽيڪس لڳائڻ
Levy of tax on capital value of immovable property

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2010
# SINDH ACT NO.XIII OF 2010
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2010
# THE SINDH FINANCE ACT, 2010

[5 جولاءِ 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسز کي معقول بڻايو ويندو ۽ غير متحرڪ ملڪيت جي ڪيپٽل ويليو تي ٽيڪس لڳائي ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسز کي معقول بڻائڻ ۽ غير متحرڪ ملڪيت جي ڪيپٽل ويليو تي ٽيڪس لڳائڻ ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

**مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement**

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 2010 کان لاڳو ٿيندو.

**1899 جي ايڪٽ II جي شيڊول جي ترميم Amendment of Schedule to Act II of 1899**

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 جي شيڊول ۾:

(a) آرٽيڪل 10 جي شق (c) ۾، ڪالم 2 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“پهريون پيرو جاري ڪرڻ تي سالياني رقم تي 0.05 سيڪڙو ۽ ان کان بعد منتقلي تي ڪمرشل پيپر جي

ملھہ جو ساليانو 0.02 سيڪڙو“؛

(b) آرٽيڪل 16 لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

| | |
|---|---|
| “16. (A) ڪنوينس جيئن دفعہ 2(10) ۾ بيان ڪيل آهي، منتقلي جي اوڳاڙي نہ ڪئي ويندي يا آرٽيڪل نمبر 31 تحت ڇوٽ مليل آهي. | |
| (i)ريئل اسٽيٽ انويسٽمينٽ ٽرسٽس جي نالي تي | دفعہ 27_A تحت ملھہ ڪٽڻ واري شيڊول موجب 0.5 سيڪڙو |
| (ii)ريئل اسٽيٽ انويسٽمينٽ ٽرسٽس طرفان اينڊ يوزرس جي نالي تي | مارڪيٽ ملھہ موجب 1 سيڪڙو |
| (iii)ٻئي ڪنهن معاملي ۾ | ملھہ ڪٽڻ واري شيڊول ۾ ڄاڻايل ملھہ جو 2 سيڪڙو |
| B) اسائنمينٽ ذريعي ليز جي منتقلي | اهڙيءَ منتقليءَ تي غور هيٺ ملھہ جو 2 سيڪڙو |

1958 جي اولھہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

3. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 4 ۾، شق (g) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“(g) عمارتون ۽ زمينون، جن جو ساليانو ملھہ اٺيتاليھہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي، جن جي مالڪي بيواهن،

نابالغ يتيمن، مستقل معذور ماڻهن وٽ هجي.”

**غير متحرڪ ملڪيت جي مک اگهه تي ٽيڪس لڳائڻ**
Levy of tax on capital value of immovable property

4.(1) غير متحرڪ ملڪيت جي ڪئپيٽل ويليو تي هڪ ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي جنهن کي غير متحرڪ ملڪيت تي ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪا هر ڪنهن فرد، ماڻهن جي ايسوسيئيشن، فرم، ڊولپمينٽ اٿارٽي يا ڪمپني تي واجب الادا هوندي جيڪا خريداري ذريعي، تحفي، مٽا سٽا، رد ڪرڻ جوڳي ڪان سواءِ اٿارني جي مالڪ ۽ ٽائيم بائونڊ (60 ڏينهن کان وڌيڪ نه) زال مڙس وچ ۾ سنپاليل، پيءُ ۽ پٽ يا ڌيءَ، ڏاڏن ۽ پوٽن، پاءُ ۽ ڀيڻ، مالڪ طرفان حقن تان هٿ کڻڻ يا تياڳڻ، زباني طور ڪئي وڃي يا دستاويز يا سواءِ وراثت جي عدالتي ڊڪري ذريعي حاصل ڪئي وڃي يا شريڪ حيات طرفان تحفو والدين، ڏاڏن، پاءُ ۽ ڀيڻ يا ان سلسلي ۾ حق 20 سالن کان مٿي هجي يا سنڌ جي رهائشي جي ليز جو نئون ڪرڻ ڪنهن بئي شخص طرفان جيڪو غير مقامي آهي ۽ سنڌ ۾ غير متحرڪ ملڪيت ذيلي دفعه (3) ۾ ڄاڻايل اگهن تي حاصل ڪري ٿو:

بشرطيڪ هڪ بئنڪ جي صورت ۾ ٽيڪس جو ڪيپيٽل ويليو تڏهن ادا ڪيو ويندو جڏهن پاور آف اٽارني گروي ٽيل غير متحرڪ ملڪيت جي وڪري لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته جيئن ان کي گرويءَ جي ضمانت طور رکيو وڃي نه ڪي واپاري ضمانت طور ۽ ڪو قرض ورتو وڃي.

(2) هن دفعه جي مقصد لاءِ وصف ۽ وضاحت، اظهار ۽

شرط:

(a)“ماڻهن جي ايسوسيئيشن” جنهن ۾ شامل آهي هڪ فرم، هندو گڏيل ڪٽنب، ڪو هٿرادو عدالتو ماڻهو ۽ پرڏيهي قانون تحت جوڙيل ماڻهن جي ڪا تنظيم، پر ان ۾ ڪا ڪمپني شامل نہ هجي؛

(b) “فرم” کي ساڳي معنيٰ حاصل هوندي جيئن پارٽنرشپ ايڪٽ ۾ بيان ڪيل آهي.

(c) “ڪمپني” مطلب:

(i)ڪمپني آرڊيننس، 1984 (XLVII of 1984) ۾ بيان ڪيل هڪ ڪمپني؛

(ii)پاڪستان ۾ لاڳو ڪنهن قانون تحت جوڙيل هڪ باڊي ڪارپوريٽ؛

(iii)هڪ مدربہ؛

(iv)ڪمپنيز جي هيئت سان لاڳاپيل پاڪستان کان ٻاهر ڪنهن ملڪ جي قانون تحت جوڙيل هڪ باڊي انڪارپوريٽيڊ؛

(v)هڪ ٽرسٽ، هڪ ڪوآپريٽو سوسائٽي يا هڪ ماليات سوسائٽي (وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت قائم ڪيل يا جوڙيل ڪنهن ٻي سوسائٽي لاءِ)

(vi)هڪ پرڏيهي ايسوسيئيشن، ڀوءِ اها انڪارپوريٽيڊ هجي يا نہ، جيڪا (حڪومت) عام يا خاص حڪم ذريعي، هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ ڪمپني طور اعلان ڪئي هجي.

(d) “ڊولپمينٽ اٿارٽي” مطلب ڪنهن علائقي جي ترقيءَ جي مقصد لاءِ ڪنهن قانون تحت جوڙيل هڪ

اٿارٽي ۾ جنهن ۾ شامل آهي ڪا اٿارٽي، سوسائٽي، ايجنسي، ٽرسٽ، ايسوسيئيشن يا ادارو اعلان ڪيو يا جوڙيو يا ٺاهيو وڃي ڪنهن قانون ذريعي يا ڪنهن حڪم، قائدي، ضابطي جي ذريعي، ڊولپمينٽ اٿارٽي طور جيڪو سنڌ ۾ ڪم ڪندو هجي يا واقع هجي، يا جيئن حڪومت طرفان ڊولپمينٽ اٿارٽي طور اعلان ڪيو وڃي؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "ايراضي" مطلب اهڙي ايراضي جيئن حڪومت وقت بوقت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري؛

(g) "بيان ڪيل" مطلب حڪومت طرفان جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h) "ٽيڪس" مطلب غير متحرڪ ملڪيت جي ڪيپيٽل ويليو تي ٽيڪس؛

(i)"غير متحرڪ ملڪيت" جنهن ۾ شامل آهي ملڪيت جيئن سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ايڪٽ، 1958 ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهن ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل ملڪيت جا اسم.

(3)ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل غير متحرڪ ملڪيت تي ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس هيٺين اگهن تي اوڳاڙي ويندي:

A. سنڌ ۾ واقع رهائشي غير متحرڪ ملڪيت (سواءِ فليٽن جي).

| | |
|---|---|
| (i)جتي غير متحرڪ | |

| | |
|---|---|
| ملڪيت جو ملهه رڪارڊ ڪيو ويو هجي.<br>a. 240 چورس گز کان 499 چورس گز<br>b. 500 چورس گز کان 1000 چورس گز<br>c. 1000 چورس گز ۽ ان کان مٿي | <br><br>ڪٿيل ملهه جو 2 سيڪڙو<br>ڪٿيل ملهه جو 2.5 سيڪڙو<br>ڪٿيل ملهه جو 3 سيڪڙو |
| (ii)جتي غير متحرڪ ملڪيت جو ملهه ڪٿيل نه هجي | زميني ايراضي جي في چورس گز تي 75 رپيا |

B. سنڌ ۾ واقع رهائشي فليٽ.

| | |
|---|---|
| (i)جتي غير متحرڪ ملڪيت جو ملهه ڪٿيل هجي.<br>a. 1501 چورس گز کان 2200 چورس گز<br>b. 2200 چورس گز کان مٿي | <br><br>ڪٿيل ملهه جو 2 سيڪڙو<br>ڪٿيل ملهه جو 2.5 سيڪڙو |

C. سنڌ ۾ واقع واپاري ۽ صنعتي غير متحرڪ ملڪيت.

| | |
|---|---|
| (i)جتي غير متحرڪ ملڪيت جو ملهه ڪٿيل هجي. | ڪٿيل ملهه جو 2.5 سيڪڙو |
| (ii)جتي غير متحرڪ | زميني ايراضي جو في |

| | |
|---|---|
| ملڪيت جو ملهہ ڪٿيل نہ هجي | چورس فٽ 100 رپيا |

(4) ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس قانون تحت غير متحرڪ ملڪيت جي منتقلي جي داخلا رڪندڙ ۽ تصديق جي ذميوار شخص طرفان ورتي ويندي، اهڙيءَ ريت جيڪا ٽيڪس منتقلي جي رجسٽرنگ يا تصديق وقت واجب الادا هئي.

(5)جتي ڪو شخص جمع ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا جمع ڪرڻ بعد گهرج موجب ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ اهو ذاتي طور تي ٽيڪس ادا ڪرڻ جو جوابده هوندو (انهيءَ ٽيڪس يا ٽيڪس جي رهيل حصي عرصي لاءِ ساليانی ملهہ جو 15 سيڪڙو اضافي ٽيڪس جمع ڪرائيندو).

(6) حڪومت ٽيڪس جو ملهہ ڪٿڻ تي نظرثاني ڪري سگهي ٿي، جتي درخواست جي بنياد تي نظرثاني ضروري هجي.

(7)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪهن ماڻهو يا ماڻهن جي ڪلاس يا اثاثي يا اثاثن جي ڪلاس کي ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس کان ڇوٽ ڏئي سگهجي ٿي، بشرطيڪ اهڙي ڇوٽ اهڙين شرطن موجب هوندي جيئن نوٽيفڪيسن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(8)جيستائين ڪجهہ صوبي ۾ وقتي طور لاڳو ڪنهن بئي قانون جي متضاد نہ هجي، غير متحرڪ مڪيت جي ملهہ تي ٽيڪس ڪنهن ٽيڪس يا ڊيوٽي، چارج،

سيس يا غير متحرڪ ملڪيت تي ڪنهن ٻي اوڳاڙي
ڪان اضافي هوندي.

.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت
لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.